# سنڌ آرڊيننس نمبر **XVI** مجريه **1978**

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 1978

# سنڌ ڪاڻين تي مليل رعايتون **(منسوخي)** آرڊيننس، **1978**

# THE MINING CONCESSIONS (CANCELATION) ORDINANCE, 1978

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. ڪاڻين تي مليل رعايتون ختم ڪرڻ جو اختيار

Power to cancel mining concessions

4. معاوضي جي ادائگي

Payment of compensation

5. قاعدا

Rules



# سنڌ آرڊيننس نمبر **XVI** مجريه

# 1978

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 1978

## سنڌ ڪاڻين تي مليل رعايتون **(منسوخي)** آرڊيننس، **1978**

# THE MINING CONCESSIONS (CANCELATION) ORDINANCE, 1978

تمهيد (Preamble)

[5 نومبر 1978]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪاڻيون ڪوٽڻ ۾ غير قانوني يا سياسي طور تي ڏنل رعايت کي ختم ڪيو ويندو.

جيئن ته ڪاڻيون ڪوٽڻ ۾ غير قانون يا سياسي طور تي ڏنل رعايت کي ختم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، لاز (ڪنٽينيوئنس ان فورس) آرڊر، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

وصفون

Definitions

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪاڻين تي مليل رعايتون (منسوخي) آرڊيننس، 1978 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "ثالث" مطلب اهو ماڻهو جنهن ڊسٽرڪٽ جج طور ڪم ڪيو هجي يا ڪم ڪري رهيو هجي.

(b) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت

(c) "نقصان" مطلب آهي اهو نقصان جيڪو ڪنهن بناوت يا تنصيبات کي ختم ڪرڻ يا هٽائڻ جي صورت ۾ ٿيو هجي، جيڪي ڪاڻين کي مليل رعايت جي مڪمل مدي دوران ٿيو هجي، يا ٻي رقم جيئن ليز مني، جيڪا اڳواٽ ادائگي ڪئي وئي هجي.

(d) "کاڻ کوٽڻ ۾ رعايت" ۾ شامل آهي ليز يا لائسنس.

مائيننگ رعايتون ختم ڪرڻ جو اختيار

Power to cancel mining concessions

3. (1) ڪنهن قانون، قاعدي يا معاهدي جي خلاف نه آهي ته حڪومت ڪنهن به مائيننگ جي رعايت کي، جيڪا ان (پهرين جنوري 1972 کان 4 جولاءِ 1977 جي وچ ۾) ڪنهن سياسي فاعدي يا ڪنهن قانون جي ڀڃڪڙي جي نتيجي ۾ ڏني وئي هجي، منسوخ ڪري سگهي ٿي.

(2) جتي ذيلي دفعه (1) تحت ڪا کاڻ جي کوٽائي ۾ ڏنلرعايت ختم ڪئي وئي آهي، حڪومت ان سلسلي ۾ مقرر ڪيل ثالث جو کي رجوع ڪري سگهي ٿي.

(3) ثالت جنهن شخص جي مائيننگ جي رعايت ختم ڪئي وئي هوندي، يا ختم ٿيڻ جي نتيجي ۾

كنيل كنهن نقصان جي بدلي ان شخص كي معاوضو ڏيڻ ۽ ادائگي جو ڪاٿو لڳائيندو.

(4) ثالث اهڙي معاوضي لاءِ جاچ ڪرائي سگهي ٿو، جيئن مناسب هجي ۽ هن طرفان جاري ڪيل حڪم کي حتمي سمجهيو ويندو.

معاوضي جي ادائگي

Payment of compensation

(5) ذيلي دفعه (4) تحت جاچ جي مقصد لاءِ، ثالث کي سول ڪورٽ جا اختيار هوندا، جيڪي هن ڪوڊ آف سول پروسيجر، 1908 (1908 جو ايڪٽ V) تحت ڪيس هلائڻ جا اختيار هوندا ۽ اهي هيٺين معاملن ۾ حاصل هوندا:

قاعدا

Rules

(a) ڪنهن شخص کي حاضري لاءِ سمن جاري ڪرڻ يا زور پرڻ ۽ ان کان حلف تي ساک وٺڻ

(b) ڪاغذن حاصل ڪرڻ ۽ پيش ڪرڻ جي طلبي

4. ثالت جي حڪم جي تعميل ڪندي حڪومت معاوضو 90 ڏينهن اندر ادا ڪرڻ جي پابند هوندي.

رعايت (Concession) جي منسوخي بعد حڪومت ڪنهن به وقت ان مائيننگ جي رعايت جي علائقي جو قبضو پيهر وٺي سگهي ٿي.

5.حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد ماڻڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.